SUPPLEMENT
TO THE
BOMBAY GOVERNMENT GAZETTE.

**Published by Authority.**

THURSDAY, 30TH JULY 1863.

## PROCEEDINGS OF THE LEGISLATIVE DEPARTMENT, BOMBAY.

SINDHEE TRANSLATION

OF

*A Bill to Provide for the Periodical Survey of Steam Vessels, in the Ports, Harbours, Rivers or Waters of the Presidency of Bombay.*

## بمبئي جي لجسليٽو ڪاتي ۾ هليل ڪم جي رپورٽ

بمبئي پريزيڊينسي جي بندرن ۾ يا ندين ۾ يا پاٽين ۾
اگبوٽن جي وقت بوقت جاچ ڪرڻ بابت قانون ٺهرائڻ
جي ايڪٽ جو مسودو

منڍ

جيئن ته بمبئي پريزيڊينسي جي بندرن ۾ يا ندين ۾
يا پاٽين ۾ اگبوٽن جي مسافرن جي جيءَ کي ۽ انهن اگبوٽن تي
چاڙهيل مال کي جو ڪو نه رسي اهڙي جو رک ڪرڻ لاءِ لايق ويلن
کان انهن اگبوٽن جي جاچ ڪرائڻ مناسب آهي تهڪري
هيٺيان لکيل وانگر ٺهرايو ٿو وڃي —

ڪيترا اگبوٽ ورئي ورئي هر ڀيري جاچائڻ گهرجن

۱ بمبئي جي بندر ۾ يا بمبئي پريزيڊينسي جي بندرن
منجهان ڪنهن به بندر ۾ يا ندين منجهان يا پاٽين منجهان ڪنهن

يا اقرار جي مُدت گذرڻ وقت نه هجي ته سرٽيفڪيٽ
يا اقرار جي نه هئڻ ڪري جيستائين مٿي ٻڌل پابندي
۾ موٽي اچڻ کان پوءِ اُو هلڻ لڳي يا هلڻو هجي تيستائين
اوسر اچو گو نه ٿيندو وجهه سرٽيفڪيٽ ۽ اقرار
جي مدت گذري هجي يا رد ٿيو هجي سو موٽائي ڏجي
اهڙي حُڪم ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ جو گورنر انڪونسل
وس وارو آهي يا انهي ڪم لاءِ جنهن عهديدار کي مقرر
ڪيو هجيس سو عهديدار وس وارو آهي ۽ جيڪو ڏينهن
يا ماستر يا ٻيو ماڻهو واجبي سبب ڌاران مٿين حڪم
وانگر هلڻ ۾ غفلت ڪندو يا ناڪار ڪندو ته
سپڪيه ڏهه لاءِ هڪ سؤ رپين تائين ڏنڊ ڏيڻ جو
گو ٿيندو

١٣ هيٺين لکئي وانگر ٿيو آهي اي وسهڻ جو سرٽيفڪيٽ ۽ اقرار کي رد ڪرڻ لاءِ سرڪار وس واري آهي
سبب هجي ته هن ايڪٽ موجب ڏنل سرٽيفڪيٽ
۽ اقرار رد ڪرڻ جو اختيار بمبئيءَ جي گورنر
انڪونسل کي يا انهي ڪم لاءِ جنهن عهديدار کي مقرر ڪيو
هجيس يا جنهن کي اختيار ڏني هجيس تنهن کي آهي يعني —
(١) سپڪيه اگبوٽ جو هلڻ يعني ڪوتوءِ سامان ۽ ڪل جين
گهرجي پوري جهڙي حالت ۾ آهن اهڙو سرٽيفڪيٽ ۽ اقرار يا
سرٽيفڪيٽ يا اقرار ڪوڙو يا دولاب سان ڏنو ويو يا ڪيو ويو هجي يا

# انگ الف
## سرويئرن جي سرٽيفڪيٽ ۽ اقرار جو نمونو

| ڳالھ جو نمبر | ملڪ جي | کاڻ جي ڪڍي جي جاءِ جو تعلقو | مادو | ڪم هلائيندڙ جو نالو ۽ اوڪمين اُن ... | مالڪ يعني ڪم هلائيندڙن جو نالو ۽ ان جي ... | اُنھي جي ڳولها ۽ کوٽائي | هاڻوڪي حالت | ڪُل سامان | ماسترجو نالو ۽ عهدو ۽ انجڻ ۽ ڊاڪٽر يعني خلاصين جو اندازو ۽ انجنيئرن ۽ انجڻ جي ڪوٺي جي خلاصين جو اندازو | ڪوٺي جي ڪمي يا ٽاڪي جي حالت ۽ ان جو ڪم | جهڙي حالت ۾ ڪيتري کاڻ آهي ۽ ان جي ماپ | هل يعني ڪوٺو يا باتلر يعني ڪن اهو يا ڪل يا پئو سامان جيڪو ڪان ڳهت مدت ۾ يا هلي اهڙو هجي ته ڪيتري مدت تائين هلندو وسا مُدت | ريمارڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | | | | | |

اس هيٺ صحيح ڏيندڙ اقرار ڪريون ٿا ته اسان مٿي انگيون جي جڪاس ڪئي ۽ انهي انگيون جو انجي ڪلن جو مٿي نقشي ۾ تفصيل لکيو آهي ٺيڪ انگ آهي ۽ انگيون جو انجي ڪل جو ڪمي اهو انگيون مقرر ڪري ٿو آهي (جيئن هجي تيئن لکجي) ته ڪم لاءِ برابر آهن اي ساڃهي نظر ۾ ٿو اچي

ا. ب.
ج. د.

# انگ (ب)

## (قلم ۱۰ ۾ لکيل) ٺپي جو اگهہ

| | |
|---|---|
| ۲۰۰ ٽنن کان گهٽ ٽنن جي اگبوٽن بابت ×—×— | ۲۰ رپيا |
| ۲۰۰ ٽنن ۽ ۳۵۰ ٽنن سوڌو ..........×—×— | ۲۵ |
| ۳۵۰ ٽنن ۽ ۷۰۰ سوڌو ..........×—×— | ۳۰ |
| ۷۰۰ ٽنن ۽ ۱۰۰۰ سوڌو ..........×—×— | ۴۰ |
| ۱۰۰۰ ٽنن ۽ ۱۵۰۰ سوڌو ..........×—×— | ۵۰ |
| ۱۵۰۰ ٽنن ۽ ٿهڪان مٿي ..........×—×— | ۶۰ |

## مطلبن ۽ سببن جو بيان

هن ايڪٽ جو مسوده بنگال جي ڪونسل جي سنہ ۱۸۶۲ جو ايڪٽ ۵ آهي تهان نقل ڪيو ويو آهي بمبئي جي پريزيڊنسي جي بندرن ۾ پاڻيٺ ۾ يا پاٺيٽ ۾ جيڪي اگبوٽ اچن وڃن تن جي مدت وار ۽ خاص طرح چڪاس ڪرڻ بابت هن مسوده ۾ ٺهراو ڪيو ويو آهي. سنہ ۱۸۵۸ جي ايڪٽ ۲۱ ۾ جيڪي ٺهراو گهٽ آهن سي هن مسوده ۾ ڪيا ويا آهن سنہ ۱۸۵۸ جو ايڪٽ ۲۱ ڏيهي مسافرن جهازن سان ـ ۽ ڪناري ڪناري جي سفرن تي مسافر کڻي وڃڻ لاءِ اگبوٽ هجن انهن سان لاڳو آهي ۽ انهن جي چڪاس ڪرڻ جو ٺهراءُ جو آهي سو عام قسم جو آهي * ۽ هل يعني ڪوٺي جي ۽ بائلر يعني ڪڙاهي جي ۽ ڪلن جي ۽ سامان جي گهڻو ڪري چڪاس ڪجي اهي ٺهراو بو آهي

* هن مسوده جو ٺهراءُ تہ سڀني انگريزي اگبوٽن سان لاڳو آهي

سرويرن جي مقرر ڪرڻ جو ۽ انهن جي ڪمن
ٺهرائڻ جو ۽ ڇڪاس ڪلن اڳيون جي مٽڪي موجب
في جو ليکو ڪري اُن تي انجي محنتاڻي ٺهرائڻ جو وس
هن مسوده موجب سرڪار کي ڏنو ويو آهي -
سرويرن کي سندن ڪم ۾ جيڪو حرڪت ڪندو
تنهنکي ڏنڊ پوندو وايي هن مسوده ۾ ٺهرايو ويو آهي
سرٽيفيڪٽ جو نمونو لکيو آهي - ۽ سرٽيفيڪٽ
بحال رهي تيستائين انجي نيڪال ڪرڻجي ريت لکي آهي
هن مسوده ۾ جو قاعدو ٺهرايو ويو آهي سو گهڻو
ضرور آهي اي سيني جو رايو آهي ۽ هن مسوده موجب
قاعدو ٺهرائڻ وقت ان کان سيني ماڻهنکي فائدو رسندو
هن مسوده جو رهيئي ۽ گجراتي سندي ڪ ٻوليئم ترجمو
ٿيڻ گهرجي —

(صحيح) جي . ڊي انورارسيٽي